ربیع الاوّل1446ھ/ستمبر2024ء

# ماہنامہ فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن

# وظائف

## هر بيماري جي لاءِ

### يَاسَلَامُ

مريض پنهنجو پاڻ يا ڪو ٻيو 101 ڀيرا ”يَاسَلَامُ“ پڙهي دم ڪري، اهڙي طرح 101 ڀيرا ”يَاسَلَامُ“ پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري پيو، روزانو دم ڪري پاڻي پيو ته اهو وڌيڪ بهتر آهي، اهڙي ريت اٿندي ويهندي، ”يَاسَلَامُ“ جو ورد ڪندا رهو.

(مدنی مذاکرہ، 8 رمضان المبارک، 1443ھ)

(نوٽ: وظيفي جي شروع ۽ آخر ۾ ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهڻو آهي.)

## ڪير ڇڏائڻ جي لاءِ

### لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

18 ڀيرا لکي ڪري تعويذ ٺاهي ڪري ٻار يا ٻارڙيءَ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو، ان شاءالله الڪريم ڪير ڇڏي ڏيندو.

(زندہ بیٹی کنویں میں پھینک دی، ص31)

## شادي جلدي ٿيءَ ۽ گهر سنو هلي

### يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ

143 ڀيرا لکي ڪري تعويذ ٺاهي ڪري ڪنوارو پنهنجي ٻانهن ۾ يا ڳچيءَ ۾ پائي ان شاءالله الڪريم ان جي جلد شادي ٿي ويندي ۽ گهر به سنو هلندو.

(مينڈڪ سوار بچهو، ص23)

هوائي جهاز جي ڪِرڻ ۽ سڙڻ کان اَمن ۾ رهڻ جي دعا هوائي جهاز ۾ سوار ٿي ڪري اوّل آخر درود شريف سان گڏ هي

## دعاءِ مصطفٰي ﷺ پڙهو

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْهَدْمِ وَاَعُوْذُبِكَ مِنَ التَّرَدِّیْ وَاَعُوْذُبِكَ مِنَ الْغَرَقِ وَالْحَرَقِ وَالْهَرَمِ وَاَعُوْذُبِكَ اَنْ یَّتَخَبَّطَنِی الشَّیْطٰنُ عِنْدَ الْمَوْتِ وَاَعُوْذُبِكَ اَنْ اَمُوْتَ فِیْ سَبِیْلِكَ مُدْبِرًا وَاَعُوْذُبِكَ اَنْ اَمُوْتَ لَدِیْغًا

ترجمو: يا الله! مان تنهنجي پناه گهران ٿو، عمارت جي ڪِرڻ کان ۽ تنهنجي پناه گهران ٿو بلندي تان ڪِرڻ کان ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿو ٻُڏڻ سڙڻ ۽ پوڙهائپ(يعني اهڙي پوڙهائپ کان جنهن سان زندگي جو اصل مقصد فوت ٿي وڃي يعني علم و عمل ويندو رهي. (دیکھئے: مراۃ المناجیح، 3/4) کان ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿو ان کان جو شيطان مون کي موت جي وقت وسوسا ڏئي ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿو ان کان جو مان تنهنجي راهه ۾ پٺي ڦيري مري وڃان ۽ تنهنجي پناهه گهران ٿو ان کان جو نانگ جي ڏنگڻ سان مري وڃان.



# ختمِ نبوّت

مولانا حيدر علي عطاري مدني*

ٻار الڳ الڳ ۽ ٽولي ( Group) جي صورت ۾ ڪلاس ۾ اچي رهيا هئا ۽ سڀئي هن ڳالھ تي حيران ٿي رهيا هئا تہ اڄ سائين بلال انهن سڀني کان پهريان ڪلاس ۾ پنهنجي ڪرسي تي موجود هئا. نہ رڳو موجود هئا بلڪ سائين بلال ٻارن جي اچڻ کان پهريان ئي وائٽ بورڊ تي شايد اڄ جو سبق بہ لکي ڇڏيو هو پر اندر اچي ڏسڻ سان معلوم پئي ٿيو تہ سبق نہ، بلڪ شايد اڄ جي سبق جي هيڊنگ سر بلال وڏي ۽ خوشخط انداز ۾ لکي ڇڏي هئي. ٻار اچي سلام ڪري پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهندا ويا. جڏهن سڀئي ٻار اچي چڪا تہ سائين بلال سان گڏجي سڀني ٻارن ادب سان حضرت محمد مصطفیٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ درود شريف جو تحفو پيش ڪيو. درود شريف ڪانپوءِ جڏهن سڀئي ٻار پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيا تہ ڪلاس مانيٽر محمد معاويہ چوڻ لڳو: سائين هي وائٽ بورڊ تي ڇا لکيل آهي؟

سائين بلال: ٻارو، اردو ۾ لکيل آهي، توهان پڙهي ٻڌايو ڇا لکيل آهي؟

محمد معاويہ: يومِ تحفظ عقيدهٔ ختم نبوت. پر سائين، ان جو مطلب ڇا آهي؟

سائين بلال: جي پٽ، هاڻي اوهان سنو سوال ڪيو آهي، پر پهرين مون کي اهو ٻڌايو تہ توهان مان ڪنهن ڪنهن کي ختمِ نبوت جو مطلب معلوم آهي؟

ڪافي ٻارن هٿ مٿي ڪنيا، سائين کان اجازت ملڻ تي اسيد رضا چيو: سائين، ختم نبوت جو مطلب آهي تہ اسان جا پيارا نبي حضرت محمد صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اهو چئي اسيد رڪجي ويو ۽ پنهنجي ٻنهي هٿن جي آڱوٺن کي چمي اکين سان لڳايو، پوءِ ڳالهائڻ شروع ڪيو: الله پاڪ جا آخري نبي آهن، هاڻي قيامت تائين پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کانپوءِ ٻيو ڪو نبي نہ ايندو، اهو ئي هر مسلمان جو ايمان آهي.

شاباش اُسيد پٽ، اوهان پوئين ڪلاس جو سبق ياد رکيو آهي وساريو ناهي، سائين بلال مسڪرائيندي چيو. ٻارو! اڄ کان

چوڏهن سؤ سال اڳ قرآن مجيد ۾ الله پاڪ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّم جي آخري نبي هجڻ جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏي هئي، ۽ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّم به ڪيترين ئي حديثن ۾ پنهنجي آخري نبي هجڻ جو ٻڌايو هو ۽ گڏوگڏ مسلمانن کي خبردار ڪرڻ لاءِ اهو به ٻڌايو هو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمڪانپوءِ ڪجھ فسادي ماڻهو ايندا ۽ نبي هجڻ جي ڪوڙي دعويٰ ڪندا، تنهنڪري خبردار رهجو ۽ اهڙي ڪنهن به شخص جي ڳالھ تي اعتبار نه ڪجو.

پر سائين، هي "يومِ تحفظ" ڇا آهي؟ ڪامران پڇيو.

سائين بلال: جي جي پٽ، آئون انهيءَ طرف اچي رهيو آهيان. جيئن ته اسان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّم صحيح خبر ڏني هئي ته ڪجھ ماڻهو نبي هجڻ جي دعويٰ ڪندا، تنهنڪري اسلام جي چوڏهن سؤ سالن جي تاريخ ۾ وقت بوقت ڪجھ ماڻهو هي ڪوڙي دعويٰ ڪندا رهيا پر امتِ مسلمه انهن کي ڪڏهن به قبول نه ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جي ڳالھ آهي ته اسلام جي دشمنن اسان جي برصغير (Sub continental) ۾ به هڪ اهڙو شخص مشهور ڪرايو جنهن نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي. اسلام جي سچن عالمن انهيءَ وقت ماڻهن کي خبردار ڪندي هن کان پري رهڻ جي نصيحت ڪئي. ڏينهن، مهينا، سال گذرندا ويا ۽ آخرڪار پاڪستان ٺهي ويو، پر گڏو گڏ اسلام دشمنن جي مدد سان هن ڪوڙي نبي جا مڃڻ وارا به مضبوط ٿي ويا. ايستائين جو الله ۽ رسول جي نالي تي ناهيل ملڪ ۾ به انهن پنهنجي ڪوڙي مذهب جي تبليغ شروع ڪري ڇڏي، بلڪ پاڻ کي مسلمان سڏائڻ شروع ڪري ڇڏيو.

پر سائين، اسان جو ته اسلامي ملڪ آهي پوءِ ڪنهن انهن کي روڪيو نه؟ معاويه پڇيو.

سائين بلال: جي پٽ اسان جي مسلمان پائرن پهرين انهن کي سمجهائي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي ماڻهو باز نه آيا. ابتو هڪ دفعي انهن مسلمانن جي ٽرين تي حملو ڪندي ڪيترن ئي سچي مسلمان طالبن کي شهيد ڪري ڇڏيو هو. اهو ڏسي سڄي ملڪ ۾ بيچيني پکڙجي وئي، ۽ پوءِ جيئن عالمن پاڪستان ناهڻ لاءِ امت جي رهنمائي ڪئي هئي، هاڻي پاڪستان کي اسلام دشمنن کان بچائڻ لاءِ وري امت جي رهنمائي ڪئي ۽ اسان جي عالمن قومي اسيمبلي (Natinol assembly) ۾ اهو قرارداد پيش ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ اهڙن ماڻهن تي اسلام جو نالو استعمال ڪرڻ تي پابندي لڳائي وئي ۽ توهان کي خبر آهي جنهن

ڏينهن اهو قانون پاس ٿيو هو، اهو 7 سيپٽمبر 1974ء هو، بس انهيءَ جي ياد ۾ اسان هر سال "يوم تحفظ عقيدهٴ ختم نبوت" ملهائيندا آهيون ته جيئن اسان کي ان جي تاريخ معلوم ٿئي ۽ ان ڏينهن اسين وري سڄي دنيا کي ٻڌائي ڇڏيون ته

محمدِ مصطفٰے — سب سے آخری نبی
احمدِ مجتبٰے — سب سے آخری نبی




# جو 3 شين جي بيان سان تربيت فرمائڻ

سيّد حديرالحسن*
(درجۂ خامسہ جامعۃ المدینہ شاہ ابوالبرکات مغلپورہ لاھور)

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات جَوامِعُ الْكَلِم(يعني مختصر گفتگو ۾ ڪيئي مطلبَ/ڪيئي معنائون) جي ڪمال وصف سان مالا مال آهي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪيترين ئي حديثن ۾ ٽن شين جي بيان ذريعي تربيت ڪرڻ جو سبق ملي ٿو. جيتوڻيڪ ٽن جو عدد آهي تہ مختصر پر حضور صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي انهن ٽن شين جي تربيت ۾ هزارين شين جي تربيت ۽ سوين مسئلن جو حل موجود آهي. انهن حديثن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿيون:

## (1) ٽن خصلتن ۾ ايمان جي مٺاس

حضورِ اقدس صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن شخص ۾ ٽي خصلتون هجن، اهو ايمان جي حلاوت (مٺاس) ماڻي وٺندو. (1) الله ۽ رسول ان جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ محبوب هجن (2) ان جي محبت ڪنهن بہ ٻانهي سان فقط الله ئي جي لاءِ هجي (3) هو ڪفر ڏانهن موٽڻ کي ائين بُرو سمجهي جيئن باهہ ۾ اڇلايو وڃڻ کي بُرو سمجهي.

(بخاري، 17/1، حديث: 16)

## (2) ٽن ماڻهن کان الله ڪلام نہ ڪندو:

رسولُ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ٽي قسم جا ماڻهو آهن، جن سان الله پاڪ گفتگو نہ ڪندو، نہ قيامت جي ڏينهن انهن ڏانهن رحمت جي نظر فرمائيندو، نہ انهن کي (گناهن کان) پاڪ ڪندو ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب هوندو.

حضرت ابوذر رَضِیَ اللہ عَنْہُ عرض ڪيو: ناڪام ٿي ويا ۽ نقصان کڻڻ وارا ٿي ويا، اي الله جا رسول! اهي ڪير آهن؟ فرمايو: پنهنجو ڪپڙو (پيڏين کان) هيٺ لٽڪائيندڙ، احسان جتائيندڙ ۽ ڪوڙي قسم سان پنهنجي سامان جي قيمت وڌائيندڙ.

(مسلم، ص65، حديث: 293)

## (3) ٽن منع ڪيل شين جي اجازت جو حڪم

آخري نبي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مون توهان کي ٽن ڳالهين کان روڪيو هو، هاڻي مان توهان کي انهن جي باري ۾ اجازت ڏيان ٿو. (1) مون توهان کي قبرن جي زيارت ڪرڻ کان روڪيو هو، هاڻي انهن جي زيارت ڪرڻ

وجو. بيشڪ انهن جي زيارت ۾ عبرت ۽ نصيحت آهي. (2) مون توهان کي چمڙي جي ٿانوَن جي علاوه ۾ پيئڻ کان منع ڪيو هو، هاڻي سيني قسمن جي ٿانوَن ۾ پي سگهو ٿا، پر ڪا نشي واري شيءِ نہ پيئو. (3) مون توهان کي چيو هو تہ قرباني جو گوشت ٽن ڏينهن کان بعد استعمال ڪرڻ منع آهي هاڻي ان کي ڪائي سگهو ٿا ۽ پنهنجي سفرن ۾ ان مان فائدو وٺو.

(ابو داؤد، 3/465، حديث: 3698)

## (4) مسلمان جي دل ٽن شين ۾ خيانتدار ناهي

نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مسلمان جي دل ٽن شين ۾ خيانت ناهي ڪندي، عمل کي خالصتاً الله جي لاءِ انجام ڏيڻ، مسلمانن جي اِمامن جي خيرخواهي ڪرڻ ۽ مسلمانن جي جماعت ۾ شامل رهڻ.

(ابن ماجه، 1/151، حديث: 230)

## (5) ٽن شين جو ثواب قبر ۾ بہ

نبيِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن انسان مرندو آهي تہ ان جي عمل جو سلسلو بند ٿي ويندو آهي سواءِ ٽن شين جي: (1) صدقهٴِ جاريہ (2) اهڙو علم جنهن سان ماڻهو فائدو وٺن ۽ (3) نيڪ ۽ صالح اولاد جيڪا ان لاءِ دعا ڪري.

(ترمذي، 3/88، حديث: 1381)

الله پاڪ اسان کي نبيِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۽ بين مسلمانن تائين پهچائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## 1 غير محرم کان ڪن سبرائڻ/ٿوپائڻ؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي بابت ته ڇا بالغ عورت پنهنجا ڪن ڪنهن غير محرم کان سبرائي/ٿوپائي سگهي ٿي؟ جڏهن ته اهو غير محرم وڏي عمر جو هجي. شريعت هن باري ۾ اسان جي ڪهڙي رهنمائي ڪري ٿي؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

عورت جا ڪن به اعضاءِ ستر(لڪائڻ وارن عضون) ۾ شامل آهن، ۽ اجنبي مرد جو بغير شرعي ضرورت جي ڪنهن بالغ عورت يا مشتهاة (شهوت جي قابل) ڇوڪريءَ جي اعضاءِ ستر کي ڏسڻ يا انهن عضون کي ڇُهڻ(هٿ لائڻ) سخت ناجائز ۽ حرام آهي. احاديث مبارڪ ۾ ان جي سخت مذمت بيان ٿي آهي. واضح ٿيو ته عورت جو وڏي عمر جي اجنبي مرد کان به ڪن سبرائڻ/ٿوپائڻ بلاشبه ناجائز ۽ حرام آهي، ان صورت ۾ مرد ۽ عورت ٻئي ئي گنهگار ٿيندا ۽ انهن تي توبه ڪرڻ لازم هوندي.

نامحرم عورت کي ڇهڻ (هٿ لائڻ جي متعلق نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان المعجم الڪبير ۾ ڪجهه هن ريت ذڪر ٿيل آهي: ’’لأن يطعن في رأس أحدكم بمخيط من حديد خير له من أن يمس امرأة لا تحل له‘‘ يعني توهان مان ڪنهن جي مٿي ۾ لوهي سُئي هنئي وڃي، اهو ان کان وڌيڪ بهتر آهي ته هو ڪنهن اهڙي عورت کي ڇُهي جيڪا ان لاءِ حلال نه هجي.(المعجم الکبیر للطبرانی،211/20،حدیث:486-فتح القدیر علی الهدایہ، 262/1فتاوٰی رضویہ،239/22، 240-بہارِ شریعت،446/3 ملتقطاً)

وَاللهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## 2 انساني ڪير پاڪ آهي

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي بابت ته منهنجي ٻار ڪجهه ڏينهن پهريان ئي ڪير پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو پاڻمرادو ڇاتي

مان ڪير اچڻ شروع ٿي ويندو آهي. ته ڇا اهڙي صورت ۾ وضو ٽٽي ويندو ۽ ڪپڙا ناپاڪ ٿي ويندا؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ نه وضو ٽٽندو ۽ نه ئي ڪپڙا ناپاڪ ٿيندا. ڇو ته شريعت جي قانون جي روشنيءَ ۾ وضو يا غسل واجب ڪرڻ واري ۽ ڪپڙن کي ناپاڪ ڪرڻ واري شيءِ جو حدث ۽ نجس هجڻ ضروري آهي جڏهن ته فقهاءِ ڪرام جي شرح جي مطابق انساني ڪير پاڪ آهي، نجس ناهي.

(خزانہ المفتین،4/1مخطوطہ–فتاوٰی رضویہ،364/1)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم



# رسول الله ﷺ جون غذائون زيتون

مولانا احمد رضا عطاري مدني

”زيتون“ بہ انهن خوش قسمت غذائن ۾ شامل آهي جن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زبان سان ٿيو آهي. زيتون جو وڻ تاريخ جي قديم ترين وڻن مان هڪ آهي. هن ميوي مان تيل حاصل ڪيو ويندو آهي، جنهن کي ”روغنِ زيتون“ چيو ويندو آهي، هي تيل سڙندي صاف ۽ شفاف روشني فراهم ڪندو آهي، مٽي ۾ بہ لڳايو ويندو آهي، چربي طور ياجي پچائڻ ۾ بہ ڪم ايندو آهي، دوا طور بہ استعمال ٿيندو آهي ۽ بوڙ جي جاءِ تي مانيءَ سان بہ کاڌو ويندو آهي. ايترن مصرفن ۾ استعمال ٿيڻ زيتون جي تيل جو ئي خاصو آهي.

## قرآن پاڪ ۾ زيتون جو ذڪر

(1) الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ زيتون جي وڻ کي مبارڪ يعني برڪت وارو چيو آهي. جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: (اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّیٌّ یُّوْقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَیْتُوْنَةٍ) ترجموڪنزالعرفان: اهو فانوس ڄڻ هڪ موتي وانگر چمڪندڙ ستارو آهي جيڪو زيتون جي برڪت واري وڻ مان روشن ٿيندو آهي.[1]

**تفسير جا نڪات** ★ زيتون جي وڻ جا پن ناهن ڪرندا ★ هي وڻ نہ ٿڌي ملڪ ۾ ٿيندو آهي نہ گرم ملڪ ۾ تہ جيئن نہ ڪيس گرميءَ کان نقصان ٿئي نہ سرديءَ کان ★ هي نهايت عمده ۽ اعلىٰ ٿيندو آهي ۽ ان جو ميوو نهايت معتدل ٿيندو آهي.[2]

(2) زيتون اهو برڪت وارو ميوو آهي جنهن جي قسم الله رب العزت قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمائي آهي جيئن ارشاد ٿئي ٿو: (وَالتِّیْنِ وَالزَّیْتُوْنِ ۙ﴿۱﴾) ترجموڪنزالعرفان: انجير جي قسم ۽ زيتون جي[3]

**تفسير جا نڪات** ★ ان جو وڻ خشڪ جبلن ۾ پيدا ٿيندو آهي جن ۾ چربيءَ جو نالو نشان ناهي هوندو ★ ان جو وڻ بغير خدمت جي پرورش ماٽيندو آهي ۽ هزارين سالن تائين باقي رهندو آهي.[4] ★ زيتون تيل ۽ ڪائيندڙن لاءِ ياجي ڪٽي جمندو آهي.[5] ★ هي ان ۾

عجيب صفت آهي جو اهو تيل به آهي جو نفعا ۽ فائدا تيل جا ان مان حاصل ڪيا ويندا آهن، پاريو به ويندو آهي، دوا جي طريقي سان به ڪم آندو ويندو آهي ۽ ٻوڙ جو به ڪم ڏيندو آهي جو صرف ان(تيل) سان ماني کائي سگهجي ٿي .[6]

## زيتون سان لاڳاپيل حديثون

(1) حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: زيتون کائو ۽ ان سان مالش ڪيو، بيشڪ اهو برڪت وارو وڻ آهي.[7]

(2) حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: زيتون مان پاڄي ناهيو ۽ ان سان مالش ڪيو، بيشڪ اهو برڪت وارو وڻ آهي.[8]

(3) حضرت ابن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا ته نبي ڪريم صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم احرام جي حالت ۾ پنهنجي مٿي تي زيتون جو تيل لڳائيندا هئا.[9]

(4) حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، پاڻ نبي ڪريم صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو ته برڪت واري وڻ زيتون جي مسواڪ تمام سٺي آهي چاڪاڻ ته هي وات کي خوشبودار ڪري ٿي ۽ ان جي بدبوءِ کي ختم ڪري ٿي، هي منهنجي ۽ مون کان اڳين نبين جي مسواڪ آهي.[10]

(5) نبي ڪريم صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: زيتون جو تيل کائو ان کي لڳايو جو هي برڪت واري وڻ مان آهي ۽ ان ۾ ستر بيمارين جي شفا آهي جن ۾ جذام به آهي، ان ۾ بواسير جي به شفا آهي.[11]

## زيتون جا فائدا

نبي ڪريم صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم زيتون جي ڪوڙ فائدن کي بيان فرمايو آهي، اڄڪلهه جا طبي ماهر ڪافي تحقيقات کان پوءِ انهن فائدن کي ثابت ڪري رهيا آهن. اچو انهن مان چند فائدا ملاحظ ڪيو:

* زيتون جو تيل بغير پچائي کائڻ وڌيڪ فائدي وارو هوندو آهي ۽ هي ڪوليسٽرول کي به گهٽ ڪندو آهي. ٿنهنڪري زيتون جو تيل ڪچو استعمال ڪيو وڃي. ڪچو کائڻ ۾ ڪنهن قسم جي بدمزگي ناهي ٿيندي، کائڻ وقت پنهنجي پليٽ ۾ چانوَر، ٻوڙ وغيره وجهي ڪري چمچي سان زيتون شريف جو تيل وجهي شوق سان کائو.
* روزانو زيت (يعني زيتون جو تيل) مٿي ۾ وجهي گنج(ٽوڙ) جي خوب مالش ڪرڻ سان بند ٿيل مسام(ننڍا سوراخ) کلي ويندا ۽ وار ڦٽڻ لڳندا.
* ڏاڙهي يا مٿي جا وار ڇڻندا هجن يا گنج هجي ته اڌ چمچ زيتون جي گرم ڪيل تيل ۾ هڪ چمچو اصلي ماکي ۽ هڪ چمچو سنهي پيسيل دارچيني ملائي ڇڏيو

پوءِ جتان ڪان وار ڇڻندا هجن اتي خوب مساج ڪيو پوءِ اندازي طور پنج منٽ ڪان پوءِ ڌوئي ڇڏيو يا وهنجو.[12]

★ زيتون جي تيل ۾ فيٽي ايسڊز، وٽامنز ۽ ٻيا اجزاء شامل ٿيڻ جي ڪري هي صحت لاءِ تمام مفيد آهي.

★ زيتون جو تيل موٽاپو گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

★ خالي پيٽ زيتون جو هڪ چمچو پيئڻ انهن خليات کي نقصان ڪان بچائي ٿو جيڪي ڪينسر جو سبب ٿي سگهن ٿا.

★ زيتون جو تيل آنڊن جي نظام کي نيڪ ڪري قبض ڪان نجات ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

★ زيتون جو تيل جلد، ننهن ۽ وارن لاءِ به فائدي مند آهي، هي انهن جي ملائمت(نرمي) واپس آڻي ٿو ۽ نقصانن جي مرمت ڪري ٿو، انهن جي نمي بحال ڪندو آهي ۽ وارن جي نشوونماء کي به وڌائيندو آهي. ★ زيتون جو تيل جسم مان زهريلي مواد جي صفائي ڪندو آهي. ★ ان ۾ موجود فيٽي ايسڊز جسماني دفاعي نظام کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڏين ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ مختلف موسمي بيمارين ڪان بچڻ آسان ٿي ويندو آهي. ★ ڪوليسٽرول جون به قسمون ٿينديون آهن، هڪ ايل ڊي ايل (نقصان ڏيندڙ) ۽ ٻي ايڇ ڊي ايل (فائدي مند)، امراضِ قلب ڪان بچڻ لاءِ ايل ڊي ايل جي سطح کي گهٽ رکڻ ضروري هوندو آهي جڏهن ته ٻي جي سطح وڌائڻي هوندي آهي، ان جو هڪ ذريعو زيتون جي تيل جو استعمال آهي.

★ زيتون جو تيل جسماني ورم کي گهٽائڻ لاءِ درد گهٽ ڪندڙ دوائن وانگر ئي ڪم ڪندو آهي. زيتون جو تيل دماغ لاءِ به فائدي مند آهي.[13]

---

1 پ18،النور:35

2 خازن، النور، تحت الآيہ : 35، 353-354/3ملخصاً

3 پ30، التين:1

4 خازن، والتين، تحت الآيہ : 1، 4 / 390، روح البيان، التين، تحت الآيہ : 1، 466-467/10، ملتقطاً وملخصاً

5 پ18،المؤمنون:20

6 تفسير خزائن العرفان،المؤمنون، تحت الأيہ :20

7 ترمذی،336/3، حديث:1858

8 ابن ماجہ،34/4، حديث:3319

9 ابن ماجہ،506/3،حديث:3083

10 معجم اوسط، 201/1، حديث:678

11 مرأة المناجيح،226/6-مرقاة المفاتيح،308/8،تحت الحديث: 4535

12 گهريلو علاج،ص53، 94، 95

13 مختلف ويب سائٽس

مولانا محمد جاويد عطّاري مدني*

اچو ٻارو حديثِ رسول ٻڌون ٿا



# مَحبتِ رسول جا تقاضا

آخري نبي حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "مَنْ اَحَبَّنِىْ كَانَ مَعِىْ فِى الْجَنَّةِ" يعني جيڪو مون سان محبت ڪندو، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(ترمذي، 4/309، حديث: 2678)

پيارا ٻارو! اسان جو ايمان رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي بغير پورو نٿو ٿئي. صحابہ ڪرام بہ نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. ڪجهہ جي محبت جي ڪيفيت هي هئي جو انهن لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان جدا ٿيڻ جو صدمو ناقابلِ برداشت هوندو هو.

تفسيرِ خزائن العرفان صفحو 160 تي لکيل آهي: صحابيِ رسول حضرت ثوبان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. هڪ ڏينهن حضور عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاه ۾ حاضر ٿيا، تمام غمگين حالت ۾ هئا ۽ چهري جو رنگ بدليل هو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "اڄ تنهنجو رنگ ڇو بدليل آهي؟" عرض ڪيائين: "نہ مون کي ڪا بيماري آهي، نہ ڪو درد، بس اهو ئي سبب آهي جو جڏهن اوهان سامهون نہ هوندا آهيو تہ انتهائي وحشت ۽ پريشاني ٿيندي آهي. جڏهن آخرت کي ياد ڪندو آهيان تہ هي انديشو ٿيندو آهي تہ اتي مان ڪيئن اوهان جو ديدار ڪري سگهندس؟ اوهان اعليٰ ترين مقام ۾ هوندا ۽ مون کي الله تعاليٰ پنهنجي ڪرم سان جنت بہ ڏني تڏهن بہ ان مقامِ عالي تائين رسائي ڪٿي ٿيندي؟"

ان تي هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي

﴿وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ فَاُولٰٓىٕكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيْنَۚ-وَ حَسُنَ اُولٰٓىٕكَ رَفِيْقًاؕ(۶۹)﴾

ترجمو ڪنزُالايمان: "۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪري تہ اهو انهن ماڻهن سان گڏ هوندو جن تي الله فضل ڪيو يعني انبياء ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح ۽ هي ڪيترا سٺا ساٿي آهن.

(پ5، النساء: 69)

اِئين حضرت ثوبان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي تسلي ڏني

وئي تہ جيڪو حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندو، اهو جنت ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هوندو.

پيارا ٻارو! اسان ڪي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت جو اجر بہ ملندو، قيامت جي ڏينهن حضور جي شفاعت بہ ملندي ۽ اللّٰه جي رحمت سان رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ بہ ملندو. اِن شآءَ اللّٰه.

ان لاءِ اسان ڪي حضور نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات تي عمل ڪرڻو پوندو، محبتِ رسول جو اهوئي تقاضو آهي. جيئن :★ نماز جي پابندي ڪرڻ ★ والدين جي خدمت ڪرڻ ★ وڏن جي عزت ۽ ننڍن تي شفقت ڪرڻ ★ قرآنِ پاڪ پڙهڻ ★ احاديثِ مبارڪ پڙهڻ ★ ديني معلومات حاصل ڪرڻ ★ هميشہ سچ ڳالهائڻ ★ نيڪيون ڪرڻ ۽ محبتِ رسول ۾ پنهنجي زبان ڪي ذڪر ۽ درود سان تر رکڻ، هي سڀ رسول سان محبت جي تقاضن ۾ شامل آهي.

شروع ۾ لکيل حديثِ مبارڪ تي عمل جي نيت سان، رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ انهن نيڪ عملن تي عمل ڪريو ۽ جنت ۾ رسولُ اللّٰه جا پاڙيسري بڻجو.

اللّٰه پاڪ اسان ڪي حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي سچي محبت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ





اُمِّ میلاد عطاریہ*

# ڌيئرن کي محبت ۽ اطاعتِ رسول جي تربيت ڏيو

> محمد کی محبت دینِ حق کی شرطِ اوّل ہے
> اسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمل ہے

اسلام کان اڳ جيڪڏهن دُنيا جي مختلف معاشرن ۾ عورت جي حيثيت ڏٺي وڃي ته معلوم ٿيندو ته عورتن جي حيثيت رڳو هڪ خدمتگار جهڙي هئي، انهن کان جانورن کان بدتر سلوڪ ٿيندو هو، وراثت ۾ بين مال ۽ اسباب جيان انهن کي به ورهايو ويندو هو، ڌيءَ جي پيدائش کي باعثِ عار (شرمندگي) سمجهيو ويندو هو، عار کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڌيءَ کي زنده زمين ۾ دفن ڪيو ويندو هو. انسانيت رنج و غم کان بي چين ۽ بي قرار هئي، پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو انسانيت کي ان جو حقيقي محافظ ملي ويو. اسلام جي نور واري صبح جا ظاهر ٿي، هر طرف ڪفر ۽ ظلم ۽ ستم جو انڌيرو به ختم ٿي ويو ۽ ائين ڌيئرن کي اسلام جي برڪت سان هڪ نئين زندگي ملي. جيڪي ماڻهو پهرين ڌيئرن کي زنده دفن ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا، هاڻي ڌيئرن کي پنهنجي اکين جو تارو سمجهڻ لڳا. الله جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اولاد خاص ڪري ڌيئرن جي پرورش بابت فضائل بيان فرمائي انهن جي اهميت کي به خوب اُجاگر فرمايو. هي حضور نبيِّ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو احسانِ عظيم آهي جو دنيا جون سڀني عورتون جيڪڏهن پنهنجي زندگي جي آخري ساهه تائين انهيءَ احسان جو شڪر ادا ڪنديون رهن تڏهن به هو ان عظيم الشان احسان جي شڪر گذاريءَ جي فرض کان آزاد نٿيون ٿي سگهن. عورتن لاءِ مقامِ شڪر آهي ته هڪ وقت اهو هو جڏهن دنيا ۾ انهن جو پيدا ٿيڻ شرمندگي ۽ ذلت ۽ رسوائي سمجهيو ويندو هو، پر اسلامي تعليمات، قرآني آيتن ۽ احاديثِ مبارڪ انهن جي اهميت اُجاگر ڪري اهو شعور ڏنو ته ڌيئرون رحمتِ خداوندي جي نزول جو سبب آهن، تنهنڪري انهن جي قدر ڪرڻ گهرجي. جيئن ته اهو ئي سبب آهي جو اڄ جي هن دور ۾ اسلامي تعليمات

سان آراستہ والدين جي تربيت ۽ توجھ جتي پٽن کي معاشري جو هڪ باعزت فرد بڻائڻ تي مرڪوز آهي، اُتي هو ڌيءُ جي بهترين پرورش کان بہ غافل نہ آهن. هيءُ تمام ضروري آهي تہ اسان پنهنجي ايندڙ نسلن خاص ڪري ڌيئرن کي پاڪيزگي ۽ پاڪدامني جو پيڪر بڻائڻ ۽ توحيد ۽ رسالت جي سچاٽپ ڪرائڻ جي پوري ڪوشش ڪريون. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ننڍپڻ ۾ جيڪا عادت پوندي آهي اُها جلد ختم ناهي ٿيندي. تنھنڪري جيڪي ماٺهو ڌيءُ جي تربيت ۾ ڪوتاهي ڪن ٿا، حقيقت ۾ اُهي ايندڙ نسل جي تربيت ۾ ڪوتاهي ڪن ٿا. پنهنجي ڌيءُ کي ابتدائي عمر کان ئي توحيد ۽ رسالت جي جام پيئڻ جو اهڙو عادي بڻائي ڇڏيو، جو جنهن جي لذت ۾ گم ٿي سڄي زندگيءَ ۾ ڪنهن ٻي طرف ڏسڻ جو هوش ئي نہ رهي. ان لاءِ گهرجي تہ اهڙا سبب پيدا ڪيا وڃن جو توهان جي ڌيءُ جي دل ۾ درودِ پاڪ ۽ نعت شريف پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو شوق پيدا ٿي وڃي، ان جي اڳيان الله الله ڪندا رهو. ڌيئرن کي هيءُ بہ ٻڌايو وڃي تہ آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڌيئرن تي ڪيترو احسان آهي، ڌيءُ جي هڪ هڪ ساهہ نبيّ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ ڪرم جو نتيجو آهي. اڄ جيڪا عزت آهي، احترام آهي، آزادي آهي، محبت آهي، اهو سڀ ڪجھ پياري آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات جو صدقو آهي، جڏهن دنيا ۾ اسان تي ڪو احسان ڪندو آهي تہ اسان انهن جو شڪر ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ناهيون ڪندا تہ اسان جي زندگي جن جي صدقي ملي آهي، ان جو حق تہ هيءُ ئي ٿيو جو هڪ هڪ ساهہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪري، انهن جي ڏنل تعليم تي عمل ڪري، انهن جي سنتن سان محبت ڪري ۽ انهن تي هر هر لمحو عمل ڪري گذارڻ گهرجي. ان لاءِ دعوتِ اسلامي جي مهڪندڙ مهڪندڙ ۽ پاڪيزه ۽ خوشبودار ديني ماحول کان بهتر ڪو ماحول نہ آهي. اوهان جو تعلق زندگيءَ جي ڪنهن بہ شعبي سان هجي، فڪر نہ ڪريو! دعوتِ اسلامي توهان کي هر جڳهہ زندگيءَ جي هر موڙ تي رهنمائي فراهم ڪندي نظر ايندي، مثلاً اڍائي سال جي عمر ۾ پنهنجي ڌيءُ کي جديد دنياوي تعليم سان گڏوگڏ فرض علمِ دين سيکارڻ لاءِ دارُ المدينہ (اسڪولنگ سسٽم) ۾ داخل ڪرايو يا پوءِ ٿوري وڏي عمر جي ٿي وڃي تہ ڪيس قرآنِ ڪريم ناظره ۽ حفظ ڪرائڻ لاءِ مدرسة المدينہ گرلز ۽ علمِ دين سکڻ سيکارڻ لاءِ جامعاتُ المدينہ گرلز ۾ داخل ڪرايو. بس ڌيءُ جي

دل ۾ قرآن ۽ سنت جي محبت پيدا ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن قرآن ۽ سنت جي مطابق هوءَ پنهنجي سڄي زندگي گذاري ڇڏي، ڇوتہ قرآن ۽ سنت تي عمل ئي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابيءَ جو سبب آهي. الله پاڪ اسان کي پنهنجي اولاد جي شرعي تقاضن جي مطابق بهترين تربيت ڪرڻ ۽ انهن جي دلين ۾ عشقِ مصطفٰي ۽ اطاعتِ مصطفٰي جي جذبي کي پيدا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

(1)رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدِ محترم جو نالو

سوال: نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدِ محترم جو نالو ڇا آهي؟

جواب: الله پاڪ جي سيني ڪان آخري نبي محمدِ عربي صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدِ محترم جو نالو حضرت عبدالله رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ آهي.

(مدني مذاڪرو، 21 ربيع الاول شريف 1445ھ)

(2) سيرتِ نبي ۽ ديني ڪتاب پڙهڻ.

سوال: ڇا نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت جي ڪتاب پڙهڻ به عبادت ۾ ايندو؟

جواب: جي ها، نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت ۽ شريعت جي احڪام تي مشتمل هر ديني ڪتاب جيڪا صحيح العقيده سني عالمِ دين جي لکيل هجي، ان کي سني نيت سان پڙهڻ وارو ثواب حاصل ڪندو.

(مدني مذاڪرو، 18 جُمادَی الاولیٰ 1445ھ)

(3) ٻڪريءَ جو کير پيئڻ

سوال: ڇا ٻڪريءَ جو کير پيئڻ سنت آهي؟

جواب: جي ها! ٻڪريءَ جو کير پيئڻ سنت آهي، پياري آقا صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڪريءَ جو کير پيئڻ ڪثرت سان ثابت آهي، بلڪ ٻڪريون ته پياري آقا صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر رهنديون هيون.

(مدني مذاڪرو، 6 رجب شريف 1444ھ)

(4) اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هڪ شعر جي وضاحت

سوال: پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت مڪي شريف ۾ ٿي، جڏهن ته اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه پنهنجي هڪ شعر ۾ ”صبح طیبہ میں ہوئی بٹتا ہے باڑا نور کا“ فرمايو آهي، ان جي وضاحت فرمايو.

جواب: اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه جي هن شعر جو ولادتِ باسعادت سان ڪو تعلق ناهي، هن شعر جو مطلب اهو آهي ته جڏهن به مديني ۾ صبح ٿئي ٿي ته اتي نور جي خيرات ورهائجندي آهي ۽ سڄي ڪائنات ۾ تقسيم ٿيندي آهي.

صبح طیبہ میں ہوئی بٹتا ہے باڑا نور کا
صدقہ لینے نور کا آیا ہے تارا نور کا

(حدائقِ بخشش، ص242- مدني مذاڪرو، 21 ربيع الاول شريف 1445ھ)

(5)درودِ پاڪ جي جاءِ تي اِستغاثو پڙهڻ ڪيئن؟

سوال: ”قَلَّتۡ حِيۡلَتِيۡ اَنۡتَ وَسِيۡلَتِيۡ اَدۡرِکۡنِیۡ يَارَسُوۡلَ الله“[1] ڇا اهو درودِ پاڪ جي جاءِ تي پڙهي سگهجي ٿو؟

جواب: اهو درودِ پاڪ نہ آهي، ان کي استغاثو (يعني فرياد) چئبو آهي، اهو پڙهڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي (پر درودِ پاڪ پڙهڻ جي پنهنجي فضيلت ۽ برڪت آهي).

(مدني مذاڪرو، 13ربيع الآخر شريف 1445ھ)

### (6)ڪيليگرافڪس ڊيزائن ۾ درودِ پاڪ لکڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا درودِ پاڪ مختلف ڪيليگرافڪس ڊيزائن ۾ لکي سگهجي ٿو؟

جواب: مختلف رسمُ الخط ۾ لکڻ جو سلسلو پراڻو هلي رهيو آهي، جيڪڏهن ڪيليگرافڪس ڊيزائن ۾ درودِ پاڪ جا حروف واضح ۽ صحيح لکيل آهن، شارٽ فارم نہ آهي تہ ڪيليگرافڪس ڊيزائن ۾ درودِ پاڪ لکڻ جائز آهي. جيڪڏهن شارٽ فارم ۾ لکيو آهي تہ اهو جائز نہ آهي، جيئن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جاءِ تي "ؐ" يا "صَلْعَم" لکڻ ناجائز آهي.

(بهارِ شريعت، 534/1- مدني مذاڪرو، 13ربيع الآخر شريف 1445ھ)

### (7) ڏاڙهي ڪڏهن رکڻ ضروري آهي؟

سوال: ڇا 40 سال جي عمر کان پوءِ ڏاڙهي رکڻ ضروري ٿي ويندي آهي؟

جواب: جيئن ئي ڇوڪرو بالغ ٿيو، ان تي شريعت جا احڪام لاڳو ٿي ويندا آهن، اسلامي عمر جي حساب سان ڇوڪرو 12 کان 15 سال ۽ ڇوڪري 9 کان 15 سال جي وچ ۾ علامتون ظاهر ٿيڻ جي ذريعي بالغ ٿين ٿا، جيڪڏهن علامتون ظاهر نہ ٿين تہ پوءِ جنهن ڏينهن هجري عمر جي لحاظ کان ڇوڪرو يا ڇوڪري 15 سال جا ٿيندا تہ ان ڏينهن کان هو بالغ شمار ٿيندا. جڏهن ڇوڪرو بالغ ٿيو ۽ ڏاڙهي نڪري آئي تہ هاڻي ان کي ڏاڙهي رکڻ واجب آهي. 40 سال عمر ٿيڻ جو انتظار نہ ڪيو ويندو.

(بهارِ شريعت،3/203- مدني مذاڪرو، 29جُمادَى الاُخرى 1444ھ)

### (8) ڏاڙهي سان کيڏڻ جو حڪم

سوال: ڏاڙهي سان کيڏڻ ڪيئن آهي ۽ ان جا نقصان ڇا آهن؟

جواب: نماز ۾ ڏاڙهي يا ڪپڙن يا بدن سان کيڏڻ مڪروهِ تحريمي آهي ۽ مڪروهِ تحريمي ناجائز ۽ گناهہ آهي. (بهارِ شريعت، 283/1، 624) ڪي ماڻهو نماز کان علاوه بہ ڏاڙهي سان کيڏندا رهندا آهن، ڪڏهن ڏاڙهي جا وار وات ۾ وجهندا آهن، ڪڏهن ڏاڙهي جا وار هٿ سان مَهٽيندا ۽ گهمائيندا رهندا آهن، جنهن جي ڪري ڏاڙهي جا وار ڪمزور ٿي ڪري ٽُٽي پوندا آهن، جيڪا هڪ فضول حرڪت آهي، ان کان بچڻ گهرجي ڇو تہ اسلام جو حُسن اهو آهي تہ انسان بيڪار (فضول) ڪمن کان پاسو ڪري. (مدني مذاڪرو، 13رجب شريف 1444ھ) جيڪڏهن ڏاڙهي جا وار وات ۾ وڌا ۽ ڏندن سان ڪٽجي هڪ مني کان گهٽ ٿي وڃن تہ گناهگار ٿيندو ڇو تہ وار ڪنهن قينچي وغيره سان ڪٽيو يا ڏندن سان، ڪٽڻ ئي ڇورائيندو.

### (9)ڪنهن وٽ ڪنهن ٻئي جا وڌيڪ پئسا اچي وڃن تہ ڇا ڪجي؟

سوال: مان مدرسة المدينہ کان رکشي ۾ اچي رهيو هوس تہ رکشي واري کي مون ڪرائي لاءِ 500 روپيا ڏنا، هن ڪرايو ڪٽي ڪري مون کي پئسا واپس ڏنا ۽ مون رکيا، بعد ۾ مون ڏٺو تہ رکشي واري جي طرف کان مون وٽ 30 روپيا وڌيڪ اچي ويا آهن، هاڻي اهو رکشي وارو مون کي ملي ناهي رهيو، تہ آئون انهن 30 روپين جو ڇا ڪريان؟

جواب: جيڪڏهن واقعي ان رکشي واري جي ملڻ جو ڪو طريقو نہ آهي، تہ توهان اهي 30 روپيا ڪنهن شرعي فقير يعني جنهن کي زڪوات ڏئي سگهجي ٿي، ان کي خيرات طور ڏيو، جيڪڏهن بعد ۾ اهو رکشي وارو توهان کي ملي وڃي ۽ توهان ان کي ٻڌايو تہ توهان جي طرف کان مون وٽ 30 روپيا وڌيڪ اچي ويا هئا، اهي مون توهان جي طرفان خيرات ڪري ڇڏيا آهن ۽ هو چئي تہ نيڪ آهي ڪا ڳالهہ نہ آهي تہ توهان آزاد ٿي ويندا، جيڪڏهن هو چئي تہ نہ مون کي 30 روپيا گهرجن تہ هاڻي توهان کي اهي ڏيڻا پوندا.

(مدني مذاڪرو، 13ربيع الآخر شريف 1445ھ)

[1] يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجا حيلا ختم ٿي ويا، اوهان ئي منهنجو وسيلو آهيو، مون کي سنڀالي وٺو.



# ٻارن کي دين ڏانهن مائل ڪيئن ڪيون؟

ڊاڪٽر ظهور احمد دانش مدني

والدين پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ۽ محنت ڪندا آهن ته اسان جي اولاد نيڪ، پرهيزگار، عبادت گذار بڻجي. اولاد ۾ عبادت ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کي ترغيب ڏيارڻ يا صرف نصيحت ڪرڻ تي ئي اڪتفاء نه ڪريو بلڪ اسان کي پاڻ پنهنجي عمل ۾ تبديلي آڻڻي پوندي ۽ اهڙا طريقا اختيار ڪرڻا پوندا جن کي ڏسي ٻارن ۾ عبادت جو جذبو پيدا ٿئي، ڇوته والدين جيڪو چوندا آهن ٻار ان تي عمل ناهن ڪندا بلڪ جيڪي هو ڪندا آهن، ٻار ان کي ڏسي اهي ڪم ڪندا آهي. ان حوالي سان ڪجهه مشورا تحرير ڪيا وڃن ٿا جيڪي اوهان جي خوابن کي حقيقت بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

## مستقل مزاجي (Consistency)

والدين پنهنجي اولاد لاءِ رول ماڊل هوندا آهن ۽ ٻار انهن جي معمولات کي ڏسي انهن جي پيروي ڪندا آهن. جيڪڏهن اوهان پنهنجي روزاني جي معمولات ۾ نماز ۽ ٻين عبادتن کي شامل رکندا ته ٻار به اوهان کي ڏسي انهن نيڪ ڪمن کي شروع ڪري ڏيندا.

## جوش(Enthusiasm)

جڏهن به نماز جو وقت اچي وڃي ته والد کي گهرجي ته سڀ ڪم ڇڏي ڪري خوشي سان مسجد وڃي ۽ والده به وضو ڪري نماز لاءِ بيهي وڃي اهڙي طرح ٻارن کي نماز جي اهميت معلوم ٿيندي ۽ اهي به انهيءَ جوش ۽ جذبي سان نماز پڙهڻ لڳندا. جيڪڏهن اوهان انهن جي سامهون طبيعت جي خرابي يا محض سستي جو اظهار ڪندا ته انهن ۾ به اهڙي عادت پيدا ٿي ويندي.

## عبادت جو ماحول (Worshipful Environment)

ٻارن ۾ عبادت جي رغبت پيدا ڪرڻ لاءِ گهر ۾ هڪ اهڙي جاءِ مخصوص ڪريو جتي اوهان روزانو نماز، تلاوتِ قرآن ۽ ذڪر و درود وغيره جو معمول بڻايو ۽ ٻارن کي به پاڻ سان گڏ ويهاريو. ان سان ٻارن ۾ به عبادت جو شوق پيدا ٿيندو.

## طرز ۽ وسيلا (Tools and Resources)

عبادت جو شوق ڏيارڻ لاءِ ٻارن جي عمر مطابق انهن کي عبادت جي فضيلت ۽ اهميت تي ٻڌل ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيو ۽ صحيح العقيده عالمِ دين جا بيان ۽ اسلامي ويڊيوز ڏيکاريو.

## ڪهاڻيون ٻڌايو (Stories/Religious Texts)

ٻار ڪهاڻيون وڏي شوق سان ٻڌندا آهن. انهن کي انهن جي ذهن مطابق بزرگن جي عبادتن ۽ رياضتن جا واقعا ٻڌايو ۽ انهن عبادتن تي ملندڙ انعامات ٻڌايو ان سان به انهن ۾ عبادت جو ذوق پيدا ٿيندو.

## نعت ۽ تلاوت (Naat and Recitation)

گهر ۾ وقتاً فوقتاً پاڻ نعت ۽ تلاوت پڙهڻ يا سنڻ آواز ۾ ٻڌڻ جو ماحول ٺاهيو ته ان سان ٻه ٻارن ۾ مذهبي رجحان پيدا ٿيندو.

## دستڪاري ۽ سرگرميون (Crafts and Activities)

ٻارن سان گڏ راند راند ۾ ڊرائنگ يا اهڙي دستڪاري ٺاهيو جنهن جو تعلق عبادت سان هجي، جيئن مسجد، قرآن پاڪ، ڪتاب، تسبيح وغيره شين جي تصوير ٺاهيو.

## نمازون (Prayers)

عبادت کي روزمره جي معمولات ۾ به شامل ڪريو. ٻارن ۾ نماز جي اهميت پيدا ڪرڻ لاءِ نماز جي نالن ۽ انهن جي وقتن بابت ٻڌايو ته ڪهڙي وقت ۾ ڪهڙي نماز پڙهي ويندي آهي، رڪعتن جو تعداد ٻڌايو ۽ اهو به ٻڌايو ته ڪهڙي نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون فرض آهن، ڪيتريون واجب ۽ سنتون ۽ نفل ڪيترا آهن.

## کاڌي جي وقت جون عادتون (Mealtime Blessings)

کاڌي کان پهريان پاڻ به هٿ ڌوئو ۽ ٻارن کي به ان جي ترغيب ڏيو، ۽ جڏهن کاڌو کائڻ لاءِ ويهو ته سنت مطابق ويهو، بسم الله ۽ کاڌي جي دعا پڙهو، کاڌي کان فارغ ٿيڻ تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريو ته جيئن اوهان کي ڏسي ٻارن ۾ به هي شعور پيدا ٿئي.

## خاص مذهبي موقعا (Special Occasions)

جڏهن به ٻارن جون مذهبي موڪلون ٿين، جيئن عيدين، 12 ربيع الاول، محرم الحرام وغيره جي مناسبت سان ٻارن کي انهن ڏينهن جي معلومات فراهم ڪريو ۽ انهن ڏينهن کي ملهائڻ جا طريقا ٻڌايو، ۽ انهن ۾ ٿيندڙ خلاف شريعت ڪمن جي نشاندهي ڪري ان جي مذمت بيان ڪريو ته جيئن ٻارن جي ذهنن ۾ اسلام جي صحيح معلومات راسخ ٿي سگهي.

## تعريف ۽ حوصله افزائي (Praise and Encouragement)

جيڪڏهن اوهان جو ٻار يا ٻارڙي ڪنهن ڏينهن پنهنجي ڪنهن عبادت جو ذڪر ڪري، مثال طور مون اڄ هيترا دفعا درود شريف پڙهيو، مون نچ اچڻ تي الحمدلله چيو، گهر ۾ داخل ٿيس ته سڀني کي سلام ڪيو، ڏاڪڻين تي چڙهندي الله اڪبر ۽ لهندي وقت سبحان الله چيو ته اوهان انهن ڪمن تي انهن جي حوصله افزائي ڪريو، شاباشي ڏيو ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته ڪو تحفو به ڏيو. اوهان جي ان عمل سان ٻار کي خوشي ٿيندي ۽ هو آهسته آهسته انهن ڪمن کي پنهنجي عادت ۾ شامل ڪري ڇڏيندو.

## شڪر گذاري جا طريقا (Gratitude Practices)

سنو کاڌو، سنو ڪپڙو پائڻ يا ڪو به خوشي يا نعمت ملڻ تي ٻارن جي سامهون الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ جي عادت ٺاهيو ۽ انهن کي اهو به ٻڌايو ته جيترو اسان الله پاڪ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪنداسين، نعمتن ۾ ايترو ئي اضافو ٿيندو رهندو اهڙي طرح انهن کي به شڪر جي ترغيب ملندي.

## اجتماعي تقريبن ۾ شرڪت (Attend Services Together)

ٻارن کي مذهبي محافل، اجتماعن ۽ تقريبن ۾ پاڻ سان گڏ وني وڃو ته جيئن اهي انهن ديني تقريبن جو پنهنجي اکين سان مشاهدو ڪري سگهن ۽ ان جي اثر کي سمجهي ڪري قبول ڪري سگهن.

## ٻارن جا گروپ (Children's Groups)

صحبت چاهي سٺي هجي يا بري پنهنجو اثر ڇڏيندي آهي ان ڪري ٻارن جي صحبت ڪهڙي طرح جي ٻارن سان آهي ان جو جائزو وٺو ۽ انهن کي سٺي ۽ مذهبي ماحول وارن ٻارن سان

گڏ ويهڻ جا موقعا فراهم ڪريو ۽ اهڙي صحبت جا فائدا به ٻڌايو.

**سوالن جي حوصلہ افزائي ڪيو(Encourage Questions)**

ٻارن جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال پيدا ٿين ٿا، چاهي اهو سماجي مسئلو هجي يا مذهبي، والدين کي گهرجي تہ پوري توجهہ سان انهن جو سوال ٻڌن ۽ انهن جي ذهن مطابق حڪمت سان انهن کي تسلي بخش جواب ڏين.

**نرم رهنمائي (Gentle Guidance)**

ٻارن جو هڪ مسئلو هوندو آهي تہ هو ڪنهن شيءِ سان جلدي متاثر ٿي ويندا آهن ۽ پنهنجي وڏن کان ضد ڪري ان کي حاصل بہ ڪري وٺندا آهن، پر ڪجهہ ئي وقت بعد هو ان شيءِ کان بيزار بہ ٿي ويندا آهن تہ اهڙي موقعي تي والدين کي حڪمت عملي ۽ صبر سان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اها شيءِ ٻارن جي فائدي جي آهي ۽ اوهان ان کي وٺڻ جي استطاعت بہ رکو ٿا تہ انهن کي وٺي ڏيو نہ تہ جيڪڏهن ڪا نقصان واري شيءِ آهي تہ پيار محبت سان ان جا نقصان ٻڌائي ٻارن جي ذهن سازي ڪريو.

**قارئين!** اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ ٻارن کي هڪ سٺو ديندار انسان بڻائڻ جي حوالي سان والدين ڪهڙي ڪهڙي انداز ۾ انهن جي تربيت ڪري سگهي ٿي. الله پاڪ اسان کي پنهنجي اولاد جي ديني ۽ دنياوي اعتبار سان سٺي نموني تربيت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان جي ٻارن کي نيڪ، نمازي ۽ عاشقِ رسول بڻائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

# ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا 6 نالا (سيپٽمبر 2024)

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انسان سڀ کان پهريون تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي تنهنڪري ان کي گهرجي تہ ان جو نالو چڱو رکي. (جمع الجوامع، 3/ 285، حديث: 8875) هتي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي لاءِ 6 نالا، انهن جي معنيٰ ۽ انهن جون نسبتون پيش ڪيون پيون وڃن.

## ڇوڪرن جا 3 نالا

| نالو | پڪارڻ جي لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | عبدُ الحق | خدائي جي لائق جو ٻانهو | الله پاڪ جي صفاتي نالي ڏانهن لفظِ عبد جي اضافت سان |
| محمد | امين | امانتدار | سرڪار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو صفاتي نالو |
| محمد | شُعيب | ننڍي جماعت | الله پاڪ جي نبي عَلَیْہِ السَّلَام جو مبارڪ نالو |
| ڇوڪرِين جا 3 نالا | | | |
| | اُثيلہ | شرف ۽ بزرگي واري | صحابيہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھَا جو بابرڪت نالو |
| | رميصاء | هڪ ستاري جو نالو | صحابيہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھَا جو بابرڪت نالو |
| | اَنيقہ | خوش آئند، خوب | حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي والده حضرت امِّ سُليم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھَا جو نالو |

(جن وٽ ڌي يا پُٽ جي ولادت ٿئي اهي چاهين تہ هنن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو هڪ نالو رکن.)

# مَکةُ المُکرَّمَة ۾ محفِل ميلاد جو انعقاد

شيخُ الحديث حضرتِ علامہ عبد المصطفٰي اعظمي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه پنهنجي تصنيف ”سيرتِ مصطفٰي“ جي صفحي نمبر 72 تي لکن ٿا تہ جنهن مُقدَّس مکان ۾ حُضُورِاقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت ٿي، تاريخِ اسلام ۾ ان مَقام جو نالو ”مَوۡلِدُ النَّبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ“ (نبي جي پيدائش جي جڳهہ) آهي، اهو نهايت ئي بابرکت مقام آهي. مسلمان حڪمرانن ۾ ميلاد جون محفلون سجائڻ وارن بادشاهن ان مُبارَڪ يادگار تي نهايت ئي شاندار عمارت ناهي هئي، جتي حرمينِ شريفين وارا ۽ تمام دنيا کان ايندڙ مسلمان ڏينهن رات محفلِ ميلاد شريف منعقد ڪندا ها ۽ خُوب صلوٰة و سلام پڙهي ان جو نذرانو سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪندا رهندا ها.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد جي خوشي ملهائڻ گهرجي محفلِ ميلاد سجائڻ گهرجي ۽ ربيع النور جي مبارڪ مهيني ۾ هڪ نيت ڪيو تہ اسان ڪثرت سان درود پاڪ پڙهنداسين. الله پاڪ توفيق نصيب فرمائي.

